# اِسراف جا
# ديني ۽ دنياوي نقصان

31-March-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

مارچ 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اِسراف جا ديني ۽ دنياوي نقصان

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ✿... رمضان ۾ اِسراف
- ✿... ڇا مون تي بہ ڪا نعمت آهي...؟
- ✿... هڪ وليُ الله جي ڄڏهن دعوت ڪئي وئي.
- ✿... اميرِ اهلِسنّت جو محتاط انداز

پيشڪش
مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چهري تي خوشيءَ جا آثار هئا، صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو جيڪو اُمّتي اوهان تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهندو، مان ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکندُس، ان جا 10 گناه مِٽائيندُس، 10 درجات بُلند فرمائيندُس ۽ اوتري ئي رحمت موڪليندُس.[1]

اُن پر دُرود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

وضاحت: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي دُرود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] مسند امام اَحْمد، جلد:6، صفحہ:625، حديث:16795۔
[2] حدائقِ بخشش، صفحہ:209۔

# بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مغفرت جو هڪ سبب

هڪ ڀيري صحابيءِ رسول حضرت عبدُ اللّٰه بن عُمر رَضِیَ اللهُ عَنْه (روزي سان هئا، پاڻ زمين تي مانيءَ جو ٽڪرو پيل ڏٺائون ته غلام کي فرمايائون: هن کي کڻو ۽ صاف ڪيو! (غلام مانيءَ جو ٽڪرو کنيو، صاف ڪيو ۽ کائي ڇڏيائون) شام جو جڏهن افطار جو وقت ٿيو ته حضرت عبدُ اللّٰه بن عُمر رَضِیَ اللهُ عَنْه غلام کي فرمايو:! اهو ڪريل مانيءَ جو ٽڪرو کڻي اچو! غلام عرض ڪيو: سائين! اهو ته مون کائي ڇڏيو. بَس اوترو ٻڌڻ جي دير هئي پاڻ فرمايائون: وڃ! هاڻي کان تون آزاد آهين.

(پوءِ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه ان کي نوازش جو سبب بيان ڪندي فرمايو:) مون تاجدارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو ته جيڪو ماني جو ڪِريل

[1]... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

ٽڪرو ڪٽي ڪري کائيندو آهي اهو ٽڪرو ان جي پيٽ ۾ پهچڻ کان پهريان ئي الله پاڪ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي. هاڻي جيڪو مغفرت جو حقدار ٿي ويو مان ان کي غلام ڪيئن بڻائي رکان؟[1]

اللہ کی رحمت سے سُنّت میں شرافت ہے | سرکار کی سُنّت میں ہم سب کی حفاظت ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رمضان ۾ اسراف

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضانُ المبارڪ جو مهينو جاري آهي. هي عبادت ۽ رياضت جو مهينو به آهي. ذڪر ۽ تلاوت جو مهينو به آهي. هڪ اهم ڳالھ ته ماهِ رمضان ماهِ قناعت به آهي. عام ڏينهن ۾ عام طور ماڻهو 3 وقت کائيندا آهن پر رمضانُ المبارڪ ۾ 2 وقت کاڌو ويندو آهي. عام ڏينهن ۾ ڏينهن جي وقت به چانھ، بسڪيٽ وغيره ڪجھ نه ڪجھ کائڻ پيئڻ جو سلسلو هلندو رهندو آهي پر رمضانُ المبارڪ ۾ ان خرچن کان ڪافي حد تائين بچت ٿي ويندي آهي. مطلب ته: جيڪڏهن اسان رمضانُ المبارڪ جا فضائل ۽ فائدا ڏسون ته هي مهينو ماهِ قناعت به آهي پر افسوس! هاڻي حالات ابتڙ آهن، اڄڪلھ عام ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هن مهيني ۾ قناعت جي بدران اجايو خرچ وڌي ويندو آهي، **اسراف ۾ ڪافي واڌارو ٿي ويندو آهي، کاڌو، ميوا، پاڻي، شربت وغيره ڪثرت سان ضايع ٿيندا آهن ۽ انهن کي** مَعَاذَالله! **ڪچري جي ڍير جي حوالي ڪيو ويندو آهي.**

## اِسراف گناھ آهي

ياد رکو! اِسراف (يعني شيون ضايع ڪرڻ، اجايو خرچ ڪرڻ) گناھ ۽ حرام ۽ جهنّم

---

[1] تَنْبِیْهُ الْغَافِلِین، باب الرعایة على ملك الیمین،صفحہ:200۔

۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي. اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿۳۱﴾

(سيپارو: 8، سورة اعراف: 31)

ترجمو ڪنزالعرفان: کائو ۽ پيئو ۽ حد کان نہ وڌو بيشڪ هو حد کان وڌڻ وارن کي پسند ناهي فرمائيندو.

اهڙيءَ طرح سيپارو: 8، سورت انعام، آيت: 141 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَلَا تُسْرِفُوْا ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿۱۴۱﴾

(سيپارو: 8، سورة انعام، آيت: 141)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ فضول خرچي نہ ڪيو بيشڪ هو فضول خرچي ڪرڻ وارن کي پسند ناهي ڪندو.

اهڙيءَ طرح سيپارو: 15، سورت بني اسرائيل، آيت: 26 ۽ 27 ۾ اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿۲۶﴾ اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْٓا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ؕ وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا ﴿۲۷﴾

(سيپارو: 15، سورة بني اسرائيل، آيت: 26_27)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اجايو خرچ نہ ڪيو بيشڪ اجايو خرچ ڪرڻ وارا شيطانن جا ڀائر آهن ۽ شيطان پنهنجي ربّ جو وڏو ناشڪرو آهي.

اللّٰه اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪهڙي چوٽ ڪرڻ واري ڳالهہ آهي، جيڪي ماڻهو اللّٰه پاڪ جي ڏنل نعمتن کي ضايع ڪندا آهن، کائڻ، پيئڻ، پائڻ وغيره شين کي، مال ۽ دولت کي اجايو وڃائيندا آهن، اللّٰه پاڪ فرمايو: اهي شيطان جا ڀائرَ آهن ۽ شيطان ڪير آهي؟ سڀ کان وڏو ڪافر، سڀ کان وڏو ناشڪرو، سڀ کان ذليل ترين ڇوتہ ان اللّٰه پاڪ جي نافرماني ڪئي ۽ هميشہ جي لاءِ مردود ٿي ويو.

هن مان اندازو لڳايو تہ فضول خرچ ڪرڻ وارو ڪيترو بُرو انسان آهي جو

الله پاڪ ان کي شيطان جو ڀاءُ فرمايو آهي.

## اِسراف ڇا کي چئبو آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اسراف جي معنٰي آهي: غيرِ حق ۾ خرچ ڪرڻ. يعني الله پاڪ جي ڏنل نعمت کي جتي خرچ ڪرڻ گهرجي، ان کان علاوه ڪنهن ٻيءَ جڳهه تي خرچ ڪري ڇڏڻ، جهڙوڪ: کائڻ پيئڻ جون شيون ضايع ڪري ڇڏڻ. ڪمري ۾ لائٽ ٻري رهي آهي جڏهن ته لائٽ استعمال ڪرڻ وارو اتي ڪير به ناهي. ٽونٽيءَ مان پاڻي وهي رهيو آهي پر ان جي حاجت ناهي. پکو هلي رهيو آهي جڏهن ته هوا وٺڻ وارو ڪير به ناهي. ائين ئي اهي شيون جيڪي استعمال جي قابل آهن يا کائي سگهجن ٿيون جهڙوڪ آلو، صوف جون ڳلون وغيره اهڙين شين کي هرويرو اڇلائي ڇڏڻ، استعمال نہ ڪرڻ وغيره هي سڀ اسراف جون صورتون آهن. اسراف کان بچڻ جي متعلق وڌيڪ معلومات جي لاءِ اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو **بجلي استعمال ڪرڻ جا مدني گُلَ** مطالعو فرمايو اسراف کان بچڻ جو ذهن بڻبو.

## اِسراف جون مختلف وضاحتون

مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسراف جون ڪوڙ تفسيرون آهن مثال طور: (1): حلال شين کي حرام ڄاڻڻ، هي به اسراف آهي (2): حرام شين کي استعمال ڪرڻ، هي به اسراف آهي (3): ضرورت کان وڌيڪ کائڻ پيئڻ يا پائڻ، هي به اسراف آهي (4): جيڪو دل چوي اهو کائي پي وٺڻ، پائي وٺڻ (5): رات ڏينهن کائيندو پيئندو رهڻ جنهن سان معدو خراب ٿي وڃي، بيمار ٿي وڃي، هي به اسراف آهي. (6): نقصان ڪار شيون کائڻ پيئڻ، هي به اسراف آهي. (7): هر وقت کائڻ پيئڻ پائڻ جي خيال ۾ رهڻ ته هاڻي ڇا کائيندُس بعد ۾ ڇا پيئندُس وغيره ائين ئي (8): غفلت جي لاءِ

کائڻ (9): گناهہ ڪرڻ جي لاءِ کائڻ (10) سُنو کائڻ پيئڻ ، اعلٰي پائڻ جو عادي بڻجي وڃڻ جو معمولي شيءِ کائي پي نہ سگهي، هي بہ اسراف آهي، اهڙيءَ طرح (11) اعلٰي غذائن کي پنهنجي ڪمال جو نتيجو ڄاڻڻ بہ اسراف آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: الله پاڪ هر اسراف ڪرڻ واري کي ناپسند ڪندو آهي. اهڙا ماڻهو الله جي بارگاهہ ۾ نامقبول آهن.[1]

## مانيءَ ۾ اسراف جون صورتون

امام يُوسف بن عبدُ الله حنفي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: مانيءَ جو وچ وچ کائڻ ۽ ڪنارا ڇڏي ڏيڻ، مانيءَ جي ڦوڪيل حصي کي کائي وٺڻ باقي کي ڇڏي ڏيڻ ۽ هٿ مان ڪِريل گرهہ کڻي ڪري نہ کائڻ هي بہ اسراف ۾ داخل آهي.[2]

ها جيڪڏهن ڪنارا ڪچا رهجي ويا هجن، ان جي کائڻ سان نقصان ٿيندو هجي تہ ٽُوڙي سگهي ٿو، اهڙيءَ طرح هي بہ معلوم آهي تہ مانيءَ جا ڪنارا ٻيا ماڻهو کائي وٺندا ضايع نہ ٿيندا تہ ٽُوڙڻ ۾ حرج ناهي.[3]

## اسراف جو حڪم

**خيال رهي!** هر اسراف حرام ناهي هوندو، ڪجهہ اسرافَ مڪروهہ بہ هوندا آهن، ڪجهہ اسراف صرف ناپسند هوندا آهن. سيدي اعلٰي حضرت، امامِ اهلسنّت، شاهہ امام احمد رضا خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: (اهو) اسراف (جيڪو) ناجائز ۽ گناهہ آهي (اهو) صرف (انهن) 2 صورتن ۾ ٿيندو آهي، هڪ هيءَ تہ ڪنهن گناهہ ۾ صَرف (يعني خرچ) ۽ استعمال ڪيون، ٻي هيءَ فضول صرف مال ضايع ڪيون.[4]

---

[1] تفسير نعيمى،پ8، سورۂ اعراف، زيرِ آيت :31، جلد:8 ،صفحہ:435ملتقطاً ۔
[2] تبيين المحارم، الباب الثامن والخمسون: فى الاسراف، ص338۔
[3] بہارِ شريعت،جلد:3 ،صفحہ:377،حصہ:16بتغير قليل۔
[4] فتاوىٰ رضويہ، جلد:1،صفحہ:940 بتغير قليل ۔

اڄڪلهه اسان وٽ گهڻي قدر اهو ئي حرام وارو اسراف پاتو وڃي ٿو، ڪيئي ماڻهو گناهن ڀَري ڪمن ۾ پنهنجو مال خرچ ڪري ڇڏيندا آهن، هي به اسراف جي حرام واري صورت آهي، اهڙيءَ طرح مال کي صرف اجايو ضايع ڪري ڇڏيندا آهن، جيئن بچيل ماني ڪچري جي ڍيرَ ۾ اڇلائي ڇڏيندا آهن، گلاس ۾ بچيل پاڻي اڇلائي ڇڏيندا آهن، بجلي، پکا، اي سي وغيره بنا ضرورت جي هلي رهيا هوندا آهن، پرواهه ناهن ڪندا، ان سان ڇا ٿيندو آهي؟ مال ضايع ٿيندو آهي، ظاهر آهي ته اي سي بنا ضرورت هلي رهي آهي، ان جي ٿڌاڻ کان ڪو فائدو ئي نه وٺي رهيو آهي ته بِل ته ايندو، مال ته لڳندو ۽ اهو مال ڪيڏانهن ويو؟ ضايع ٿي ويو. لهٰذا هي به اسراف جي حرام واري صورت آهي.

## قيامت جي ڏينهن هر نعمت جي باري ۾ سوال ٿيندو

هاءِ! ڪاش! الله پاڪ جي نعمتن جو قدر نصيب ٿي وڃي، دنيا ۾ الله پاڪ اسان کي ڪروڙين نعمتن سان نوازيو آهي ته انهيءَ ڪري ته اسان انهن مان فائدو وٺون، انهن جو قدر سڃاڻون ۽ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيون. قيامت جي ڏينهن انهن نعمتن جي متعلق اسان کان پڇيو ويندو.

الله پاڪ فرمائي ٿو:

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ یَوْمَىٕذٍ عَنِ النَّعِیْمِ۠ ﴿۸﴾
(سيپارو: 30، سورة تڪاثر: 8)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي باري ۾ پڇيو ويندو.

مُفسرينِ ڪرام فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن هر نعمت جي باري ۾ سوال ٿيندو، اها نعمت توڙي جسماني هجي يا روحاني، ضرورت جي هجي يا عيش ۽ راحت جي، ايستائين جو ٿڌي پاڻي، وڻ جي ڇانوَ ۽ راحت جي ننڊ جي متعلق به سوال ٿيندو.[1]

[1] تفسير نورُ العرفان، پاره:30، سورۂ تکاثُر، زيرِ آيت :8، صفحه:721بتغير قليل۔

## چا مون تي بہ ڪا نعمت آهي...؟

صحابيءِ رسول حضرت اَنس بن مالِڪ رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: جڏهن هي آيتِ ڪريمہ نازل ٿي:

ثُمَّ لَتُسۡـَٔلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ ۝۸
(سيپارو: 30، سورة تڪاثر: 8)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي باري ۾ پڇيو ويندو.

هي ٻڌي ڪري هڪ محتاج شخص اٿي بيٺو ۽ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! چا مون تي بہ ڪا نعمت آهي (جنهن جي باري ۾ مون کان پڇيو ويندو) فرمايائون: هائو! ڇانوَ، جوتا ۽ ٿڌو پاڻي (توکي بہ مُيسر آهي، قيامت جي ڏينهن انهن جي باري ۾ بہ پڇيو ويندو).[1]

## هڪ وليُ الله جي جڏهن دعوت ڪئي وئي

حضرت حاتم اَصم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ الله پاڪ جا تمام وڏا ولي ٿي گذريا آهن، هڪ ڀيري ڪنهن مالدار شخص ڪين ڪاڌي جي دعوت پيش ڪئي پر پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ منع ڪري ڇڏيو، ان باربار درخواست ڪئي تہ آخر سندن دعوت قبول ڪري ورتي ۽ فرمايائون: جيڪڏهن توکي منهنجون 3 شرطون قبول هجن تہ مان ضرور ايندس. **پهرين:** مان جتي چاهيندس اتي ويهندس، **ٻي:** جيڪو چاهيندس کائيندس **ٽئين:** جيڪو مان چوندُس اهو توکي ڪرڻو پوندو. ان مالدار هي ٽئي شرطون مڃي ورتيون. دعوت واري ڏينهن ان مزيدار ڪاڌي جو اهتمام ڪيو. الله جي ولي جي زيارت جي لاءِ ڪوڙ ماڻهو بہ جمع ٿي ويا. مقرر وقت تي حضرت حاتم اَصم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ بہ تشريف وٺي آيا ۽ ايندي ئي جوتا لاهڻ واري جڳهہ تي ويهي رهيا. ميزبان چو تہ هي شرط مڃي چڪو هو تہ **حضرت جتي چاهيندا اتي ويهندا**

[1] تفسير دُرِّ منثور، پاره:30، سورة تڪاثُر، زيرِ آيت :8، جلد:8، صفحہ:619۔

لهٰذا بيوس ٿي ڪري رهجي ويو. ڪجهه دير کان بعد ڪاڌو شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو تہ ماڻهن طرح طرح جا مزيدار ڪاڌا کائڻ شروع ڪيا پر اللّٰه پاڪ جي ولي پنهنجي جهولي مان هٿ وجهي ڪري سُڪل ماني جو هڪ ٽڪرو ڪڍيو ۽ تناول فرمائڻ لڳا. ميزبان ان مقام تي بہ ڪجھ نہ ڪري سگهيو.

جڏهن ڪاڌي جو سلسلو ختم ٿيو تہ پاڻ ميزبان کي فرمايائون: برندڙ چُلهو ڪٽي اچو ۽ ان تي هڪ تئو رکو. سندن حڪم جي تعميل ڪئي وئي. جڏهن اهو تئو باهہ جي گرمائش سان ڳاڙهو ٿي ويو تہ پاڻ ان تي پيرين اگهاڙي بيهي رهيا ۽ پنهنجو محاسبو ڪندي فرمايائون: **مون اڄ هڪ سُڪل ماني کاڌي آهي** ۽ تئي تان هيٺ لٿا. پوءِ حاضرين کي فرمايائون: (ٽئين شرط جي مطابق) **هاڻي توهان بہ هڪ هڪ ڪري ان تئي تہ بيهي ڪري پنهنجي کاڌي جو حساب ڏيو.** هي ٻڌي ڪري ماڻهن جون رڙيون نڪري ويون ۽ سڀئي هڪ زبان ٿي ڪري چوڻ لڳا: **سائين! توهان اللّٰه پاڪ جا ولي آهيو ۽ هن گرم تئي تي بيهڻ توهان جي ڪرامت آهي، اسان گنهگارن ۾ ايتري طاقت ڪٿي جو هن تئي تي بيهي سگهون؟**

پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه محاسبي جي دعوت ڏيندي فرمايو: اي انسانو! اهو وقت ياد ڪيو جڏهن سج جيڪو اڄ ڪروڙين ميل پري آهي، صرف سوا ميل تي هوندو. اڄ ان جي پُٺ اسان ڏانهن آهي، ان ڏينهن ان جو اڳيو حصو اسان جي طرف هوندو. زمين ٽامي جي هوندي. ان ٽهڪندڙ زمين جو تصور ڪيو ۽ هن تئي کي ڏسو جو هي دنيا جي باهہ سان گرم ٿيو آهي، هن جي تپش تہ ڪوئلي جيان ٽهڪندڙ ٽامي جي زمين جي مقابلي ۾ ڪجھ بہ ناهي. پوءِ هيءَ آيت مبارڪ تلاوت ڪيائون:

ثُمَّ لَتُسۡـَٔلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ ﴿۸﴾
(سيپارو: 30، سورة تڪاثر: 8)

ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي باري ۾ پڇيو ويندو.

هي ٻڏي ڪري ماڻهو رڙيون ڪري روئڻ لڳا.

| | |
|---|---|
| گناہوں سے مجھ کو بچایا الٰہی! | بری عادتیں بھی چھڑایا الٰہی! |
| خطاؤں کو میری مٹایا الٰہی! | مجھے نیک خصلت بنایا الٰہی! |
| مُطیع اپنا مجھ کو بنایا الٰہی! | سَدا سُنّتوں پر چلایا الٰہی! |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! ڳالھ واقعي سوچڻ جي آهي، قيامت جي ڏينهن هر هر نعمت جي متعلق پڇيو ويندو، هاءِ! اڄ شايد اسان مان ڪو بہ اهڙو نہ هجي جيڪو گرم تئي تي بيهي ڪري هڪ ڏينهن نہ بلڪ صرف هڪ ڪلاڪ بلڪ صرف هڪ وقت جي ڪاڏي جو ئي حساب ڏئي سگهي تہ ٿورو غور فرمايو! اڄ دنيا ۾ جيڪڏهن اسراف ڪيو، الله پاڪ جي ڏنل نعمتن کي ضايع ڪندا رهياسين. وضو ڪرڻ لاءِ ويناسين تہ ٽونٽي کليل ڇڏي پاڻي ضايع ڪري ڇڏيو. مسلمان ڀاءُ جي اوبر واري پاڻيءَ کي بنا وجھ اڇلائي ڇڏيو. مانيءَ جا ذرا ڪِرندا آهن، کڻڻ ئي ڏنا. ضرورت کان وڌيڪ کاڌو ناهي ڪري بعد ۾ گند ڪچري جي حوالي ڪري ڇڏيو. بجلي، پکا وغيره فضول هلندا رهيا، انهن جو فڪر نہ ڪيوسين. پنهنجو قيمتي مال گناهن ۽ فضوليات ۾ بي ڌڙڪ اڏرائيندا رهياسين، هاءِ! اسراف جي ان بُري عادت تي قيامت جي ڏينهن پَڪڙ ٿي وئي، اسان کان انهن نعمتن جي باري ۾ سوال ڪيو ويو تہ ڇا ڪنداسين؟ ڪيڏانهن وينداسين؟

هاءِ! اهو 50 هزار سال جو ڏينهن، ٽامي جي ٽهڪندڙ زمين، باھ وسائيندڙ سج، هاءِ! افسوس! ايتري گرمي پير سڙي رهيا هوندا، جگر وات تائين اچي رهيو هوندو، دماغ اٻري رهيو هوندو، ماڻهو پنهنجي ئي پگهر ۾ غوطا کائي رهيا هوندا، اهڙي هولناڪ حالت ۾ جيڪڏهن اسان کي بيهاريو ويو ۽ اسراف

جو حساب ورتو ويو تہ اسان ڇا جو ٻڌجندو؟ هاءِ! ڪيئن هڪ هڪ نعمت جو حساب ڏئي سگهنداسين. ڪاش! اسان اڄ ڏڄي وڃون، ڪاش! اسان اڄ ئي توبهہ ڪري اسراف ۽ ٻين تمام گناهن کي ڇڏي ڪري نيڪ رستي جا مسافر بڻجي وڃون.

ڪب گناہوں سے کنارا میں کروں گا یارَبّ!
نیک کب اے مِرے اللہ بنوں گا یارَبّ!

ہائے! معمولی سی گرمی بھی سہی جاتی نہیں
گرمیٔ حَشر میں پھر کیسے سہوں گا یارَبّ!

آج بنتا ہوں معزز جو کُھلے حشر میں عیب
آہ! رُسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یارَبّ!

## اسراف تنگدستي جو سبب آهي

اي عاشقانِ رسول! اسراف يعني شيون ضايع ڪرڻ ۽ مال اجايو خرچ ڪرڻ جا آخرت جا نقصان بہ سخت هولناڪ آهن، ان سان گڏوگڏ دنيا ۾ بہ اسراف جو نقصان آهي يعني دنياوي ۽ اُخروي ڪنهن بہ لحاظ سان اسراف جو هڪ فيصد بہ ڪو فائدو آهي ئي نہ. بَس نقصان ئي نقصان آهي.

دنياوي لحاظ سان اسراف جو هڪ وڏو نقصان هي بہ آهي تہ اسراف جي سبب نعمت ويندي ۽ تنگدستي ايندي آهي، جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنِ اقْتَصَدَ اَغْنَاهُ اللهُ، وَمَنْ بَذَّرَ اَفْقَرَهُ اللهُ يعني جيڪو شخص (خرچ ۾) ميانہ روي قائم رکندو آهي، اللّٰہ پاڪ ان کي مالدار بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪو فضول (يا اجايو) خرچ ڪندو آهي اللّٰہ پاڪ ان کي فقير ڪري ڇڏيندو آهي.[1]

## ماني جي هڪ ٽڪري جو احترام

مسلمانن جي امڙ سائڻ، اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا فرمائن

[1] کنز العمال ،کتاب الاخلاق ،الاقتصاد و الرفق فی المعیشۃ ، جز :3 ،جلد:2،صفحہ:24،حدیث:5434۔

ٿيون: هڪ ڀيري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ حويلي پاڪ ۾ تشريف وٺي آيا تہ (زمين تي) ماني جو ٽڪرو پيل ڏٺائون، جيئن تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي کنيو، صاف ڪيائون ۽ تناول فرمائي ڪري ارشاد فرمايو: اي عائشہ! سُٺي شيءِ جو احترام ڪيو جو هي شيءِ (يعني ماني) جڏهن ڪنهن قوم وٽان وئي آهي تہ موٽي ناهي آئي.[1]

## بي برڪتي ۽ تنگدستي

**شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة **فرمائن ٿا:** اڄڪلھ هر هڪ بي برڪتي ۽ تنگدستي جي شڪايت ڪري رهيو آهي. ڪهڙي خبر تہ ماني جو احترام نہ ڪرڻ جي هي سزا هجي. اڄ شايد ئي ڪو مسلمان اهڙو هجي، جيڪو ماني ضايع نہ ڪندو هجي. هر پاسي ماني جي بي حرمتي جا دل ڏکوئيندڙ منظرَ آهن، شادي جون تقريبون هجن يا بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جي خيرات جا تبرڪات. افسوس صد ڪروڙ افسوس! دسترخوانن ۾ ٽُڪن تي بيدردي سان ڪاڏو ڪيرايو ويندو آهي ڪاڏي جي دوران هڏين سان گڏ بوٽي ۽ مصالحو صحيح طريقي سان صاف ناهي ڪيو ويندو. گرم مصالحي سان گڏ بہ ڪاڏي جا ڪوڙ ذرات ضايع ڪيا ويندا آهن. ٿالن ۾ بچيل ٿورو ڪاڏو ۽ پيالن، ديڳڙن ۾ بچيل ڀاڄيءَ جي رَسُ ٻيهر استعمال ڪرڻ اڪثر ماڻهن جو ذهن ناهي، اهڙيءَ طرح ڪوڙ بچيل ڪاڏو عام طور گند ڪچري جي ڍير جي حوالي ڪيو ويندو آهي.[2]

اهڙيءَ طرح دعوتن ۾ شادي جي تقريبن وغيره ۾ ڏسي وٺو: اڪثر ماڻهو ٽيبل تي سجايل هڪ ڪان وڏيڪ شيون پنهنجي پليٽ ۾ وجهي ڇڏيندا آهن پر سيئي شيون کائي ناهن سگهندا. ڪيئي شيون پليٽ ۾ رکيون وينديون آهن. بلڪ هاٽي تہ پليٽ صاف ڪري کائڻ تهذيب جي خلاف سمجهيو ويندو آهي ان

---

[1] ابنِ ماجہ ،ڪتاب الاطعمة، باب النهى عن القاء الطعام،صفحہ:545، حديث:3353۔
[2] فيضانِ سنت ،صفحہ:254 ۔

جي وجھ سان ڪجھ ماڻھو ڄاڻي واڻي ڪري پنھنجي پليٽن ۾ ڪائڻ پيئڻ جون شيون بچائي ڪري اٿي ويندا آھن ۽ صفائي ڪرڻ وارا پليٽ ۾ بچيل ڪائڻ پيئڻ جون شيون اڇلائي ضايع ڪري ڇڏيندا آھن. رمضانُ المبارڪ ۾ وڏين وڏين افطار پارٽين جو اھتمام ڪيو ويندو آھي مختلف قسمن جا کاڌا تيار ڪيا ويندا آھن جيڪو ڪائي سگھيا ڪائيندا ۽ باقي ڪچري جي حوالي ڪيو ويندو آھي. الله پاڪ اسان کي نعمتن جي قدر جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیِّیْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## سڄي دنيا ۾ اسراف جو ھڪ سَرسري جائزو

افسوس! جو ھي حال صرف ھڪ گھر، ڳوٺ، شھر يا ملڪ جو نہ بلڪ اسراف ھاڻي عالمي مرض جي صورت اختيار ڪري چڪو آھي. اخباري سروي جي مطابق صرف ڪراچي ۾ شادي ھالز (*Marriage Halls*) ۾ لکين روپين جو کاڌو اڇلايو ويندو آھي. ھڪ رپوٽ جي مطابق دنيا ۾ ھر سال تيار ڪئي ويندڙ جو ھڪ چوٿون حصو خوراڪ ضايع ٿي ويندي آھي. يورپ ۽ شمالي آمريڪا ۾ اوسطاً ھڪ شخص سالانہ ھڪ سؤ ڪلو گرام قابلِ استعمال خوراڪ ضايع ڪري ڇڏيندو آھي.

شايد انھيءَ حد کان وڌيڪ اسراف جي نحوست آھي جو سڄي دنيا ۾ خوراڪ جي کَمي، تنگدستي، بُک ۽ غربت وڌندي ئي پئي وڃي. مختلف رپورٽس جي مطابق. برطانيہ ۾ تقريباً 40 لک ماڻھو اڃ بہ مناسب خوراڪ تائين نہ ٿا پھچي سگھن. آمريڪا ۾ 3 ڪروڙ 50 لک ماڻھو اھڙن خاندانن سان تعلق رکندڙ آھن جن جي خوراڪ اڻ پوري آھي. يورپ ۾ 4 ڪروڙ 30 لک ماڻھو مناسب خوراڪ کان محروم آھن ۽ عجيب ڳالھ ھيءَ آھي تہ ھي سڀ ماڻھو انھيءَ معاشري ۾ موجود آھن جتي جديد سپر مارڪيٽون لکين ٽَنَ قابلِ استعمال

بهترين خوراڪ کي ڪچري جي حوالي ڪري رهيون آهن.

## اسراف کان بچڻ جا ديني ۽ دنياوي فائدا

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاڏي پيتي بجلي وغيره هر قابِل استعمال شيءِ جو قدر ڪيو! جيڪڏهن اسان اسراف کان بچڻ جي عادت بڻائي ونون ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! آخرت به بهتر ٿيندي ۽ دنيا ۾ به ان جون برڪتون ظاهر ٿينديون. اچو! ڪاڏي ڪي اسراف (يعني ضايع ٿيڻ) کان بچائڻ جي فضائل تي ڪجھ حديثون ٻڌون ٿا:

## (1): مغفرت جي بشارت

حضرت عبدُالله بن اُمِّ حرار رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مغفرت نشان آهي: ماني جو احترام ڪيو جو هي آسمان ۽ زمين جي برڪتن مان آهي. جيڪو شخص دسترخوان تان ڪِريل ماني ڪي ڪائي وٺي ان جي مغفرت ٿي ويندي.[1]

## ماڻهن کان شرمائي ڪري نيڪيون نه ڇڏيو

اي عاشقانِ رسول! اسان اڪثر ڪري ٿانوَن ۾ ڪاڏو ڇڏي ڏيندا آهيون جيڪو رزق ضايع ٿيڻ جو سبب بڻجندو آهي، اهڙيءَ طرح جيڪڏهن گرھ هيٺ ڪري پئي ته مَعاذَالله! ان کي کڻي ڪري ڪائڻ ۾ ماڻهن کان شرم محسوس ڪندا آهيون، پر افسوس صد ڪروڙ افسوس گناھ ڪندي ناهيون شرمائيندا. اسان جا بزرگانِ دين نيڪي جي معاملي ۾ ڪنهن جي شرم ۽ حيا جي پرواھ نه ڪندا هئا، جيئن حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان مروي آهي ته هڪ ڀيري حضرت مَعْقل بن يسار رَضِیَ اللهُ عَنْه ڪاڌو ڪائي رهيا هئا ته سندن هٿ مان گرھ ڪري پيو، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه ان کي کڻي صاف ڪري ڪائي ڇڏيائون. هي ڏسي ڪري جاهلن اکين سان اشارو ڪيو (ته هي ڪيتري حقير ۽ ذليل ڳالھ آهي جو ڪريل گرھ کي انهن ڪائي

[1] جامع صغير، صفحه:88، حديث:1426۔

ڇڏيو) ڪنهن انهن کي چيو: خُدا امير جو ڀلو ڪري (حضرت معقل بن يسار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اتي امير ۽ سردار جي حيثيت سان هئا) هي جاهل ڏيڏين اکين سان اشارو ڪن ٿا ته اوهان ڪريل گرهه کائي ڇڏيو حالانڪ اوهان سامهون هي کاڌو موجود آهي. فرمايائون: انهن عجمين جي ڪري هن کي مان نه ٿو ڇڏي سگهان جنهن جي باري ۾ مون حضورِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ٻڌو آهي، اسان کي حڪم هو جڏهن گرهه ڪري پئي، ان کي صاف ڪري کاڌو وڃي، شيطان جي لاءِ نه ڇڏيو وڃي.[1]

## (2): اولاد ڪَمي عقلي کان محفوظ

پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو شخص دسترخوان تان کاڌي جا ڪريل ٽڪرا ڪٽي ڪري کائي اهو فراخي جي زندگي گذاريندو آهي ۽ ان جو اولاد ۽ اولاد جو اولاد ڪَم عقلي کان محفوظ رهندو آهي.[2]

## (3): تنگدستي کان نجات جو ذريعو

اي عاشقانِ رسول! اسراف کان بچڻ ۽ کائڻ پيئڻ جي شين جو قدر ڪرڻ جو هڪ بهترين فائدو هي آهي ته ان جي برڪت سان تنگدستي کان نجات ملندي آهي ۽ فقر ۽ فاقو دور ٿي ويندو آهي، جيئن ته منقول آهي: زبردست محدث حضرت هُدبہ بن خالد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هڪ ڀيري بغداد جي خليفي مامونُ الرّشيد ماڻ وٽ دعوت تي گهرايو. کاڌو کائڻ کان بعد کاڌي جا جيڪي داڻا وغيره ڪري پيا هئا، محدث صاحب چونڊي چونڊي ڪري تناول فرمائڻ لڳا. مامونُ الرّشيد حيران ٿي ڪري چيو. اي شيخ! ڇا اڃان تائين توهان جو پيٽ ناهي ڀَريو؟ فرمايائون: جي نه! اصل ۾ ڳالهه هي آهي ته مونکي حضرت حمّاد بن سَلَمہ رَضِىَ اللهُ عَنْه

[1] ابنِ ماجہ ،کتاب الاطعمۃ ،باب اللقمۃ اذا سقطت،صفحہ:534،حدیث:3278۔
[2] کنز العمال ،کتاب المعیشۃ و العادات ،الباب الاول ،جز:15 ،جلد:8 ،صفحہ:111 ،حدیث:40815۔

**هڪ حديث بيان فرمائي آهي جيڪو شخص دسترخوان تي ڪريل ٽڪرا ڳولي ڳولي کائيندو اهو تنگدستي کان بي خوف ٿي ويندو.**

(لهٰذا مان انهيءَ حديث پاڪ تي عمل ڪري رهيو آهيان. هي ٻڌي ڪري) مامون(تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽) پنهنجي هڪ خادم جي طرف اشارو ڪيو ته اهو هڪ هزار دينار (سون جا سڪا) رومال ۾ ٻڌي ڪري کڻي آيو. مامون اها رقم حضرت هُدبہ بن خالد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪري ڇڏي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: (اَلْحَمْدُ لِلّٰه!) حديث پاڪ تي عمل جي هٿون هٿ برڪت ظاهر ٿي وئي (يعني ويني ويني مونکي هڪ هزار دينار حاصل ٿيڻ ذڪر ڪيل حديث تي عمل جي ئي برڪت سان آهي).

## (4): خبر ناهي کاڌي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي

حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو ته شيطان توهان جي هر ڪم جي وقت حاضر ٿي ويندو آهي ايستائين جو کاڌو کائڻ وقت به، لهٰذا جيڪڏهن گرهه ڪري پوي ۽ ان ۾ ڪجهه لڳي وڃي ته صاف ڪري کائي وٺي ان کي شيطان جي لاءِ نه ڇڏي ڏي ۽ جڏهن کاڌي کان فارغ ٿي وڃي ته آڱريون چٽي ڇوته هي معلوم ناهي ته کاڌي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي.[1]

مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الاُمّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ذڪر ڪيل حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪريل گرهه ۾ مٽي وغيره پاڪ شيءِ لڳي وئي آهي ته ان کي صاف ڪري گرهه کائي ۽ جيڪڏهن ناپاڪي لڳي وئي آهي ته ڌوئي ڪري کائي، جيڪڏهن ڌوپجي نه سگهي ته ڪتي ٻلي کي کارائي ڇڏيو ائين نه ڇڏي ڏيو جو ان ۾ مال ضايع ٿيڻ جو انديشو آهي ۽

[1] مسلم ،ڪتاب الاشربۃ ،باب استحباب لعق الاصابع ...الخ ،صفحہ:807 ،حديث:2033۔

ربّ ڪريم جي نعمت جي ناقدري آهي. وڏيڪ فرمائن ٿا: ڇڏيل گرھ ڪي يا تہ شيطان کائي ئي وٺندو يا ان جي ضايع ٿيڻ تي خوش ٿيندو شيطان جون ٻئي معنائون ٺيڪ ٿي سگھن ٿيون. لهٰذا ڪجھ بہ نہ ڇڏيو سڀئي استعمال ڪيو، جيڪڏھن في ماڻھو هڪ ماشو ڪاڌو بہ لڳل رهيو، جيڪو ڪجھ ٿانءُ ڌوئڻ وقت نالين ۾ ويو تہ حساب لڳايو تہ جنھن شهر ۾ اٺ ڏھ لک ماڻھو رهندا هجن تہ بہ پيرا ڪيترو ڪاڌو نالين ۾ ويندو آهي، هي فضول خرچ بہ آهي، مال ضايع ڪرڻ بہ، ڪاڌي جي بي ادبي بہ، ان ڪري ڪجھ بہ نہ ڇڏيو ٿانوَ کي چڱي طرح صاف ڪيو ڪاڌي جو احترام ۽ ادب اهو ئي آهي.[1]

## اميرِ اهلسنّت جو محتاط انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو ڪيئي سالن کان معمول آهي تہ ڪاڌو کائي ڪري چانھ، شربت وغيره پيئڻ کان بعد ٿانوَ ۾ پاڻي وجهي ڪري چڱي طرح لوڏي ڪري پيئندا آهن تہ جيئن کو ذرو بہ ضايع نہ ٿئي، 1423ھ ۾ سفرِ مدينہ جي دوران پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کي ڏنو ويو تہ گرم پاڻي جي ڪپ ۾ *Tea Pack* (ٽي پيڪ) وجهي ڪري چانھ جي پتي ملائي ۽ کير کنڊ وجهڻ کان پهريان *Tea Pack* (ٽي پيڪ) کي چڱي طرح نِپوڙي ڪري ڪڍيو (جڏھن تہ عام طور ماڻھو بغير نِپوڙي اڇلائي ڇڏيندا آهن ۽ ڪجھ نپوڙيندا بہ آهن تہ کنڊ کير ملائڻ کان بعد) پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جڏھن چانھ پي ڇڏي تہ عرض ڪيو ويو: سائين! هن ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ ارشاد فرمايائون: مون محسوس ڪيو آهي تہ کير ۽ کنڊ وجهڻ کان بعد جيڪڏھن *Tea Pack* (ٽي پيڪ) نپوڙيو وڃي تہ کير ۽ کنڊ جا ڪجھ جُزا *Tea Pack* (ٽي پيڪ) ۾ رهجي ويندا، ان ڪري مون احتياطاً پهريان

[1] مرأة المناجيح ،جلد:6،صفحہ:11 -12بتغير قليل۔

نپوڙي ورتو، تہ جيئن کو فائدي مند جُز ضايع نہ ٿي وڃي.[1]

اهڙيءَ طرح جي احتياط جو هڪ بيو بہ واقعو آهي تہ دعوتِ اسلامي جو ابتدائي دور هو اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کنهن هوٽل ۾ چانهہ پيئڻ جي لاءِ تشريف وٺي ويا. چانهہ پيئڻ کان بعد پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کپ ۾ پاڻي وڌو ۽ اگهاري ڪري پي ڇڏيو. پرسان ويٺل نوجوانن مان هڪ طنز ڪندي آواز ڏنو مولانا **اجان چانهہ پيئندي گهرائي وٺان.** ان جملي جي جواب ۾ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ شفقت ڀري انداز ۾ نظر کڻي ڪري ان ڏي ڏٺو ۽ مُسڪرايو. ويجهو وڃي ڪري مصافحو فرمايو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندي ڪجهہ هيئن ارشاد فرمايو: مونکي وڌيڪ چانهہ جي حاجت ناهي. البت مون کپ ۾ پاڻي وجهي ڪري ان ڪري پيتو تہ جيئن رزق جو ڪو ذرو ضايع نہ ٿئي، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ وڌيڪ نيڪي جي دعوت ڏيندي ارشاد فرمايو: اهڙيون پياريون پياريون ڳالهيون دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀَري اجتماع ۾ هر جمعرات جو بعد نمازِ مغرب ٻڌايون وينديون آهن. اسان بہ اتي ويندا آهيون. توهان کي گذارش آهي تہ توهان بہ جامع مسجد گلزارِ حبيب (سولجر بازار ڪراچي) ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي هفيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ ضرور شرڪت ڪيو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! جتي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي تحمل مزاجي (قوت برداشت) ۽ حسنِ اخلاق جي خبر پئجي ٿي، اتي هي بہ معلوم ٿي ٿو تہ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ رزق جو ڪيترو قدر فرمائن ٿا ۽ ان جو معمولي ذرو بہ ضايع نہ ٿا ٿيڻ ڏين. سُبْحٰنَ اللّٰه! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جون احتياطون ڏسي ڪري نيڪ بزرگن جي ياد تازا ٿي ويندي آهي.

ہیں شریعت و طریقت کی حسین تصویر جو | زہد و تقویٰ کے نظارے حضرتِ عطار ہیں

[1] تنگدستی کے اسباب اور ان کا حل، صفحہ:24۔

[2] پیکرِ شرم و حیا (تذکرۂ امیرِ اہلسنت ،قسط:7)،صفحہ:3۔

# اسراف کان ڪيئن بچون؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي تائين جيترو بہ اسراف ڪيو آهي براءِ مهرباني! ان ڪان توبهہ ڪري وٺو! ٻيهر ڪاڏي جي هڪ بہ داڻي ۽ رس جي هڪ بہ ڦڙي جو اسراف نہ ٿئي ان جو عهد ڪري وٺو! اللّٰه پاڪ جو قسم! قيامت جي ڏينهن ذري ذري جو حساب ٿيڻو آهي، يقيناً ڪو بہ قيامت جي حساب جي سهپ نہ ٿو رکي، سچي توبهہ ڪري وٺو! درودِ پاڪ پڙهي ڪري عرض ڪيو! اي اللّٰه پاڪ! اڄ تائين مون جيترو بہ اسراف ڪيو ان ڪان ۽ تمام صغيره ۽ ڪبيره گناهن ڪان توبهہ ڪريان ٿو ۽ تنهنجي عطا ڪيل توفيق سان آينده گناهن ڪان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندُس اي ربِّ مصطفٰي! منهنجي توبهہ قبول فرماءِ ۽ مون کي بي حساب بخش فرماءِ.[1]

صدقہ پیارے کی حیا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب
بخش بے پوچھے لجائے کو لجانا کیا ہے[2]

اسراف کان بچڻ جي لاءِ علمِ دين سکڻ نهايت ضروري آهي، لهٰذا ان باري ۾ ضروري علمِ دين سکي وٺو! ان جي لاءِ اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مشهور ۽ معروف ڪتاب فيضانِ سنّت مان آدابِ طعام پڙهي وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ علمِ دين بہ سکڻ جي لاءِ ملندو، ڪيئي سنّتن جي معلومات ملندي ۽ اسراف کان بچڻ جو ذهن ٺهبو اسراف کان بچڻ جي لاءِ حساس ٿيڻ نهايت ضروري آهي: اللّٰه پاڪ جي ڏنل نعمتن جو قدر دل ۾ وڌايو، دل ۾ احساس پيدا ڪيو، اسراف کي گناهہ سمجهندي سنجيدگي سان ان کان بچڻ جو ذهن ٺائي وٺندا تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪافي حد تائين اسراف کان بچاءُ جي صورت ٺهجي ويندي ڪيئي ماڻهو فيشن

[1] فيضانِ سنت ،صفحہ:254۔
[2] حدائقِ بخشش، صفحہ:171۔

پرستي، ڏيکاءُ ۽ آڪڙ جي وجھ سان بہ اسراف جي گناھ ۾ مبتلا ٿيندا آھن، اھڙن کي گھرجي تہ قبر ۽ آخرت جو خيال ڪن، دنيا مان وڃڻ، الله ڪريم کي منھن ڏيکارڻ، ھي ڳالھ ھميشہ ياد رکو.

الله پاڪ اسان سڀني کي اسراف ۽ ٻين ننڍن وڏن گناھن کان بچي ڪري نيڪين واري زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان ھڪ ديني ڪم: ھفتيوار اجتماع

اي عاشقانِ رسول! نيڪ نمازي بڻجڻ، پنھنجي زندگي کي بامقصد بڻائڻ، خوفِ خدا جي نعمت ماڻڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙھڻ جو ذھن بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ (***Linkup***) ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي چڙھي ڪري حصّو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان ھڪ ديني ڪم ھفتيوار اجتماع پڻ آھي. اچو! ھفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت (***Participation***) ڪرڻ جو ذھن بڻائڻ جي لاءِ ھڪ مدني بھار ٻڌون ٿا:

## گناھن ڀري زندگيءَ ۾ مدني انقلاب

ڪراچي (پاڪستان) جي ھڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آھي: دعوت اسلامي جي ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پھريان مان گناھن ڀري زندگي گذاري رھيو ھئس، دنياوي لذّتن ۾ مصروف رھڻ منھنجي عادت ھئي، بُرن دوستن جي صحبت

(*Company*) مونکي اجان بگاڙي ڇڏيو هو، دوستن سان ملي ڪري سڄي رات گناهن جو سلسلو جاري رهندو هو، هڪ ڀيري هڪ اسلامي ڀاءُ مونکي مغرب جي وقت نماز جي دعوت ڏني، خبر ناهي ان جي دعوت ۾ ڪهڙو اثر هو جو مان بہ ان سان مسجد ۾ هليو آيس ، مغرب جي نماز پڙهي، نماز کان پوءِ هڪ اسلامي ڀاء فيضان سنّت مان درس ڏنو، درس کان فوراً بعد اسلامي ڀائرن هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ وڃڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. هڪ اسلامي ڀاء مونکي بہ اجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب ڏياري، انهن جو انداز اهڙو تہ پيارو هو جو مان فوراً هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ تيار ٿي ويس، پوءِ جلد ئي اسلامي ڀائرن سان ملي ڪري عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ جي فضائن ۾ پهچي ويس، اتي سنّتن ڀريو بيان ٻڌو، ذِڪرُ الله ۾ مصروف رهيس، پوءِ رقّت انگيز (*Tearful*) دعا ٿي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوت اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ عاشقان رسول جي صحبت جو مون تي اهڙو اثر ٿيو جو مون دعا جي دوران روئي روئي ڪري پنهنجن گناهن کان توبه ڪئي ۽ آينده زندگي نيڪين ۾ گذارڻ جي پڪي نيّت ڪئي، مون تي هڪ عجيب خمار هو اجتماع کان واپسي جي بعد مون نمازن جي پابندي شروع ڪري ڇڏي ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ ۾ مصروف ٿي ويس

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو! | اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کر دیا دیکھو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دارُالافتاء اهلِ سنّت ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلله! دعوتِ اسلامي علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان هڪ

موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنھن جو نالو آهي: **Darul Ifta Ahlesunnat** (دارُ الافتاء اهلِ سنّت). هن ايپليڪيشن ۾ توهان کي ملندا: ڪوڙ مذهبي (**Religious**) ۽ معاشرتي (**Social**) سوالن جا تحريري فتاوٰي عقائد جي متعلق احڪام قرآن ۽ حديث جي متعلق احڪام وضوء غسل ۽ ناپاڪي جا احڪام نماز جي متعلق احڪام ميت جي متعلق مسائل مفتيانِ دعوتِ اسلامي جا اهم تربيتي ۽ معلوماتي وڊيو ڪلپس ۽ بيانات معاشرتي ۽ مذهبي پهلوئن تي رهنمائي ڪندڙ مختلف آرٽيڪلز (**Articles**) ۽ ڪتابَ مفتيانِ ڪرام جا مختلف علمي، تربيتي ۽ شرعي معلومات تي مبني سلسلا تجارت ڪورس، فرض علوم ڪورس ۽ گهڻو ڪجھ. هي ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو! خود بہ فائدو کڻو ۽ ٻين کي بہ ترغيب (**Motivation**) ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّۃِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## عمامو ٻڌڻ جون سنتون ۽ آداب

ٻہ فرامين مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: (1): عمامو ٻڌو توهان جو حلم وڌندو.[2] (2):

[1] تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
[2] مستدرک،کتاب:اللباس،جلد:5،صفحہ:272، حديث:7488۔

عمامي سان بہ رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! عمامو شريف ٻڌڻ سنّتِ مصطفٰي آهي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هميشہ سَرِ اقدس تي ٽوپي مبارڪ تي عمامو سجائي ڪري رکيو. سفر ۽ حضر ۾ بہ سرِ اقدس تي عمامو شريف سجائي رکندا هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عمامي ۾ شملو ڇڏيندا هئا جيڪو ڪڏهن هڪ ڪلهي تي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ هوندو هو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مختلف موقعن تي مختلف رنگ جو عمامو شريف استعمال فرمائيندا هئا.

عمامو ٻڌڻ جي فضائل ۽ ان جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب عمامي جا فضائل جو مطالعو ڪيو! مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو |
| سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] فردوس الاخبار،جلد:2صفحہ:265 ،حديث:3233۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف ڪي ھڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينهن ھڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانى، ص277

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455